INTERNATIONAL PREMIER JOURNAL OF LANGUAGES & LITERATURE (IPJLL)
VOLUME 3, ISSUE 6, 2025 p-ISSN: 3007-2336 e-ISSN: 3007-2344

# ASTROLOGICAL ELEMENTS IN THE POETRY OF SHAH LATEEF: A SHORT REVIEW

## (شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ فلڪياتي عنصر : هڪ مختصر جائزو)

Inayat Ullah Nohrio
inayatullahnohri@gmail.com
Subject Specialist, (Sindhi) SE&LD, PhD Scholar, University of Karachi, Karachi, Sindh, Pakistan.

**Abstract**

The great poet of the Sindhi language, Shah Latif Bhitai, has included many topics in his poetry due to his observations, astronomy being one of them. Astronomy provides information about stars and planets, as well as other small planets in the universe. From the various galaxies in the universe and their solar systems to the movement and magnetic force of these planets, this knowledge has developed greatly in the modern scientific era. According to historical references, this knowledge is thousands of years old. Since ancient times, people have been using various celestial bodies and stars, along with the sun and moon, to measure time. Shah Latif, like other subjects, has included the subject of astronomy in his poetry, and has described romantic and scientific stories through the names of stars that were popular at that time and are still popular to a large extent today. This article discusses poetry by Shah Latif in which Shah Latif mentions astronomical elements, and the article will identify such elements.

**Keywords:** *Astronomy, Asun, Elements, Moon, North Pole, Observations, Physics, Shah Latif, Sindhi Classical Poetry, Stars*

**Corresponding Author:** Inayat Ullah Nohrio (Subject Specialist, (Sindhi) SE&LD, PhD Scholar, University of Karachi, Karachi, Sindh, Pakistan).
**Email**: inayatullahnohri@gmail.com

## فلڪيات جو تعارف :

اها ڳالهہ پڌري ڏينهن جهڙي چٽي آهي تہ شروعاتي انساني سماج ۾ ماڻهو جانورن، پکين، وڻن، ٻوٽن، نانگ بلائن، پٿرن، جبلن، پاڻي، باهہ، هوا ۽ ٻين ڪيترن ئي شين کي پوڄيندو هو، پر آهستي آهستي انهن زميني شين جي جڳهہ آسماني شيون جهڙوڪ : سج، چنڊ، تارا ۽ ٻيا نکٽ سندس سوچڻ جي سگهہ تي حاوي ٿي ويا ۽ پوڄا جي لائق قرار ڏنا ويا. دنيا جي مختلف قومن ۽ مذهبن ۾ ڪن مخصوص تارن جو ذڪر آيل آهي، جيڪي انهن قومن ۾ عقيدي جي حيثيت رکن ٿا، جيئن قديم هندي روايتن ۾ ڌرو يعني قطب تاري کي خاص اهميت حاصل آهي. اها ڳالہ بہ ذهن ۾ رکڻ جهڙي آهي تہ انهن شين جي اهڙي خاص اهميت وقت ۽ انساني شعور جي ڦهلاءُ سان پنهنجي حيثيت وڃائي ويٺي ۽ پوءِ ڪافي وقت گذرڻ کان پوءِ چنڊ، تارن ۽ سج وغيره کي شاعريءَ ۾ نياپن ۽ محبوب جي سونهن جي علامت طور ڪتب آڻي انهن جي پراڻي حيثيت کي ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ بحال رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جديد سائنسي تحقيق موجب آسمان ۾ ڪيئي ڪهڪشائون ڦهليل آهن، اسان جي ڌرتي (Milky Way) نامي ڪهڪشان ۾ آباد آهي، انهي ڪهڪشان ۾ ڪيترائي گرهہ آهن جن کي پنهنجا پنهنجا چنڊ آهن. انگريزيءَ ۾ تارن جي علم کي "آسترانامي" چئجي ٿو. هيءُ هڪ سائنسي علم آهي، جنهن ۾ گرهن، ستارن، ڪهڪشائن(Galaxies) سان گڏ اسان جي ڪائنات ۾ دريافت ٿيل ٻين بيجان مادي جسمن جو مطالعو ڪيو ويندو آهي. هن علم ذريعي اسين ڪائنات جي شروعات، ان جي بناوت ۽ خلا ۾ ٿيندڙ تبديلين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. فلڪيات صرف ستارن کي ڏسڻ جو نالو ناهي، پر هي رياضي ۽ فزڪس جي اصولن جي مدد سان ڪائنات جي لڪل اونهائيءَ کي پروڙڻ جو هڪ وسيلو آهي.

آمريڪن ميوزيم آف نيچرل هسٽري جي ويب سائيٽ موجب :

"Astronomy is the study of everything in the universe beyond Earth's atmosphere. That includes objects we can see with our naked eyes, like the Sun , the Moon , the planets, and the stars . It also includes objects we can only see with telescopes or other instruments, like faraway galaxies and tiny particles. And it even includes questions about things we can't see at all, like dark matter and dark energy."(1)

**مطلب تہ :**

"فلڪيات، ڌرتيءَ جي ماحول کان ٻاهر ڪائنات ۾ هر شيءِ جو مطالعي کي چيو ويندو آهي. انهيءَ ۾ اُهي شيون شامل آهن جيڪي اسان پنهنجي عام انساني اکين سان ڏسي سگهون ٿا، جهڙوڪ سج، چنڊ، سيارا ۽ تارا. اُن ۾ اهي شيون پڻ شامل آهن؛ جيڪي اسان صرف دوربين يا ٻين اوزارن سان ڏسي سگهون ٿا، جهڙوڪ پري واريون ڪهڪشائون ۽ ننڍڙا ذرڙا. ان سان گڏ ان ۾ انهن شين بابت سوال بہ شامل آهن جيڪي اسان بلڪل نٿا ڏسي سگهون، جهڙوڪ ڪارو مادو ۽ ڊارڪ انرجي."

ويبسٽر ڊڪشنريءَ ۾ آستراناميءَ جي معني هن ريت ٻُڌايل آهي تہ :

"The study of objects and matter outside the earth's atmosphere and of their physical and chemical properties." (2)

**مطلب ته :**

”زمين جي ماحول کان ٻاهرين شين ۽ مادي جو مطالعو ۽ سندن جسماني ۽ ڪيميائي پراپرٽيز جو مطالعو.“

اردو سائنس انسائيڪلوپيڊيا ۾ فلڪيات جي وصف بابت لکيل آهي ته :

*"اس علم کا تعلق فلکی اجسام کے ارتقاء، ان کی طبعیات، کیمیا اور حرکت سے ہے۔ ماہرین فلکیات ساتھ ہی ساتھ کائنات بطور کل کی تشکیل و ارتقا کا مطالعہ بھی کرتے ہیں"*(3)

اهڙي ئي وصف انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ لکيل آهي ته :

”قدرتي علمن (Natural Sciences) جي هڪ شاخ، جنهن ۾ چنڊ، سج، تارن، گرهن/سيارن ۽ ڪائنات بابت معلومات ڏني ويندي آهي ۽ فضا کان ٻاهر خلا ۾ رونما ٿيندڙ واقعن جو مشاهدو پڻ ڪيو ويندو آهي. هن علم وسيلي آسمان تي نظر ايندڙ سمورن جسمن جي شروعات، ارتقا، طبعي ۽ ڪيميائي خصوصيتن جو مطالعو به ڪيو ويندو آهي، فلڪيات جو علم جتي چنڊ، تارن ۽ گرهن بابت معلومات فراهم ڪري ٿو، اتي انهن سيارن ۽ ستارن تي موجود اهڙن ذرڙن جي به ڄاڻ ڏئي ٿو، جيڪي محض Telescope ذريعي ئي ڏسي سگهجن ٿا .جديد دور ۾ فلڪيات جي شعبي اندر وسيع دائري ۾ ٿيندڙ تحقيق ۽ ان جي نتيجن انساني دماغ لاءِ تجسس جو سامان مهيا ڪيو آهي.“ (4)

مٿين راين جي روشنيءَ ۾ اسين اهو چئي سگهون ٿا ته فلڪيات جو علم تارن ۽ گرهن سان گڏ ڪائنات ۾ موجود ٻين ننڍن ننڍن سيارن بابت معلومات مهيا ڪري ٿو. هن ڪائنات ۾ موجود مختلف ڪير ڏارائن ۽ انهن جي شمسي نظامن کان ويندي انهن گرهن جي چرپر ۽ مقناطيسي قوت بابت هن علم هاڻوڪي سائنسي دؤر ۾ تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي. تاريخي حوالن موجب هي علم هزارين سال پراڻو آهي. آڳاٽي زماني کان وٺي ماڻهو سج ۽ چنڊ سان گڏ مختلف آسماني تارن ۽ نکتن کي وقت جي ماپ ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا رهيا آهن. سنڌ ۾ پراڻي وقت کان وٺي موسمن جي تبديلي کي به تارن جي چرپر سان ماپجي ٿو. فلڪيات جي علم وسيلي اسان کي اها خبر پوي ٿي ته اسان جي زمين ڪائنات جو هڪ تمام ننڍڙو ذرو آهي. هن ڪائنات ۾ ڪيترين ئي ڪهڪشائون آهن ۽ هڪڙي ڪهڪشان کان ٻي ڪهڪشان تائين سفر ڪرڻ ۾ ڪروڙين سالن جو مفاصلو آهي. جتي فلڪيات جي علم انسان جي تجسس ۾ واڌارو ڪيو آهي اتي ڪيس اها به خبر پئي آهي ته هو هن سموري مانداڻ ۾ ڪيڏو ننڍو آهي! فلڪيات پراڻي دؤر کان وٺي اڄ واري جديد دؤر تائين انساني تجسس کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هي علم اسان کي ڪائنات جي نظام ۾ سمجهڻ ۾ تمام گهڻي مدد ڪري ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جو انتهائي خوبصورت شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي رڳو هڪ صوفي شاعر نه، پر هڪ وڏو مشاهدو رکندڙ عالم پڻ هو. سندس شاعريءَ ۾ فطري مظهرن جا مختلف رنگ ملن ٿا. خاص طور تي زميني منظرن سان گڏوگڏ آسماني جسمن (Celestial Bodies) جو ذڪر به وڏي مهارت سان ڪيو ويو آهي. شاهه لطيف فلڪيات (Astronomy)جي علم کي سنڌي شاعريءَ ۾ نئين ڍنگ ۽ نرالي انداز سان پيش ڪري ٻين ڪلاسيڪي شاعرن ۾

پنهنجو الڳ مقام ٺاهيو اٿس. لطيف آسماني مظهرن کي سائنسي، رومانوي، جمالياتي ۽ روحاني علامت طور استعمال ڪيو آهي.

هن مقالي ۾ موضوع جي مناسبت سان ڪلاسيڪي سنڌي شاعري مان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ چنڊ، تارن ۽ ٻين آسماني نڪتن جو اڀياس ڪنداسين، اهڙي مطالعي جي شروعات شاهه سائينءَ جي سر ڪنيات کان ڪبي. هن سُر جي پهريئن داستان ۾ شاهه لطيف تارن جو ذڪر ڪندي پنهنجي محبوب جي هجڻ جي جاءِ يا هنڌ کي بيان ڪيو آهي ته جيترو هو تارو خوبصورت ۽ وڻندڙ آهي ته يقينن سندس محبوب به انهيءَ تاري هيٺ ئي هوندو. سُر ڪنيات جو بيت آهي ته :

هُن تاري هُن هنڌ، هُت منهنجا سپرين،
سجڻ ماڪيءَ منڊ، ڪوڙا ٿين نه ڪڏهين.
(ٻانهون خان شيخ، سر ڪنيات، 09:01)

هن بيت ۾ پنهنجي محبوب جي رهڻ جي هنڌ بابت ٻڌايل آهي ته هو ڪٿي هوندو، هتي تاري جي اهميت مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هڪ آسماني تاري جي خوبصورتيءَ کي بيان ڪيو ويو آهي ته هو تارو هُتي بيٺل آهي، تنهن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته منهنجو محبوب به اتي ئي آهي. ۽ اهو محبوب ماکي جهڙو آهي جيڪو ڪڏهن به ڪارو نه ٿو ٿي سگهي. اهڙي ئي جمالياتي فڪر سان ڀرپور هي ٻيو شعر آهي ته :

سهسين سجن اڀري، چوراسي چنڊن،
باالله ري پرين، سڀ اونداهي ٻانيان.
(ٻانهون خان شيخ، سر ڪنيات، 20:3)

شاهه سائين جي رسالي جو سُر ڪنيات هوندئن ته محبوب جي واڪاڻ يعني ساراهه جي حوالي سان سجاتو وڃي ٿو، پر مٿيئن بيت ۾ شاهه سائين فرمائي ٿو ته سال جي چوارسي چانڊوڪين ( هر مهيني ۾ ست چانڊوڪيون) سان گڏ هڪ ئي وقت سوين سج اڀري اچن ته به پرينءَ کان سواءِ اونداهي آهي.

چنڊ جيڪو اسان جي ڌرتيءَ جي چوڌاري پنهنجو چڪر ڪٽي ٿو ۽ هر روز سندس بيهڪ ۽ شڪل تبديل ٿيندي آهي. ان ئي چنڊ کي محبوب تي فوقيت ڏيندي شاهه لطيف چنڊ بابت سائنسي مشاهدي جو اظهار ڪري ٿو ته :

چنڊ تو چئين سچ، وڙهين جي وچڙين،
ڪڏهين اڀرين سنهڙو، ڪڏهين اڀرين ڳچ،
منهن ۾ ٻريئي مچ، تو ناهه پيشاني پر جي.
(ٻانهون خان شيخ، سر ڪنيات، 28:3)

هتي شاهه لطيف سندس سونهن کي محبوب کان گهٽ ڀانيو آهي. اڄ جي سائنس اسان کي ٻڌائي ٿي ته چنڊ پاڻ روشن نه آهي پر هو ٻئي چمڪندڙ گرهه کان پنهنجي روشني حاصل ڪري ٿو، پر شاهه لطيف اڄ کان ٽي سئو

سال اڳ انهيءَ چنڊ جي سونهن کي محبوب جي سونهن اڳيان پيش ڪرڻ مناسب نه سمجهي ۽ هڪ چنڊ کان وڏي سال جي سمورين چانڊوڪين جي سونهن کي پنهنجي محبوب اڳيان ڪجهه به نه سمجهيو. ان سان گڏ هتي چنڊ جي مخلتف منزلن ۽ مرحلن جو به مشاهدو آهي ته ڪيئن نه چنڊ ڪڏهن ٿورڙو اڀري ٿو ۽ ڪڏهن وري مڪمل اڀري آسمان تي نظر ايندو آهي.

چنڊ چوان سچ، جي مٿين نه پانئيين،
جو تو ۾ ٻري مچ، سو پدم پريان جي پير ۾.
(ٻانهون خان شيخ، سر ڪنيات، 29:3)

هن بيت ۾ شاهه لطيف چنڊ کي نياپو موڪلي رهيو آهي ته تون ڪيترو به چمڪين پر پرينءَ جي پير جي پدم برابر به نه آهين، جيڪو تون سمورو چمڪي رهيو آهين، اهو ته صرف منهنجي محبوب جي پير جي پدم جي لڪير جهڙو آهي. لوڪ ادب ۾ بيان ڪيل آهي ته پدم هڪ اهڙي لڪير هوندي آهي، جيڪا ڀاڳ واري انسان جي پير ۾ ٿئي ٿي.

هڪ طرف پنهنجي محبوب کي ايترو مان ڏنو ويو آهي ته ٻئي طرف محبوب جي هڪ گهڙيءَ جي سونهن کي نه رڳو هڪڙي چنڊ پر سوين چندن جي روشنيءَ تي ڀاري قرار ڏنو ويو آهي، جيئن شاهه لطيف جو هيءُ بيت آهي ته :

چوڏهين چنڊ اُڀري، سهسين ڪري سينگار،
پلڪ پريان جي پڙين، حيلن ڪرين هزار،
جهڙو تون سڀ ڄمار، تهڙو دم دوست جو.
(ٻانهون خان شيخ، سر ڪنيات، 19.03)

تنهنجا هزار حيلا به دوست جي دم (گهڙي) برابر ڪونهي. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ’چنڊ‘ هڪ مرڪزي آسماني علامت آهي. هن سر ۾ چنڊ کي مخاطب ٿي پاڻ جيڪي چيو اٿس، اهو فلڪياتي مشاهدي جو عڪس آهي. هتي هن شعر ۾ محبوب کي چنڊ سان تشبيهه ڏنل آهي.

شاهه لطيف پنهنجي جواني واري وهيءَ ۾ ڪافي سير ۽ سفر ڪيو هيو، ان وقت جي عالمن جي رهاڻين کان ويندي قديم ۽ قُتل ۽ پڙيانگ ٿيل کنڊرن کان سواءِ سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر جي ڪيترن ئي آباد توڙي غير آباد ماڳن جو سير ڪيو هئائين. جن ۾ لسٻيلي جي سخي حاڪم ڄام سپڙ جي رياست، لاهوت ۽ هنگلاج ۾ هندن جي ديوي ناني جي آستان تي به پيرو پيچيو هو. سندس سفر ۾ گهڻو ڪري سامي ۽ جوڳي گڏ هوندا هئا، جيڪي عبادت ڪارڻ دنيا و مافيا کان باغي ٿي جهنگن ۾ پيا هلندا هئا، انهن جهنگ ۾ رهندڙ ماڻهن جو رات جو وقت وغيره جي حساب ڪرڻ لاءِ اهي چنڊ ۽ تارا ئي هوندا هئا، جن جي ذريعي هو رات جي عمر جو اندازو لڳائيندا هيا ته رات ڪيتري گذري وئي آهي ۽ ڪيتري باقي آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ چنڊ کي نياپو ڏئي سهائي رات ڪرڻ جو چيو آهي ته منهنجا پرين پنڌ ۾ آهن اهي منهنجي اوطاق تي اچن تنهن کان پوءِ ڀلي لهي وڃ. ته ڪٿي وري چنڊ کي اونداهي ڪرڻ جي به نرالي ڳالهه ڪئي آهي.

چنڊ لڳنئي منڊ، سنجهي ئي سيخ ٿئين،
ڪر اونداهي انڊ، ته ملان محبون کي.
(ٻانهون خان شيخ، سر ڪنيات، 26:03)

چنڊ کي منڊ لڳڻ مان مراد ''گرهڻ'' ٿي وڃڻ آهي. هي هڪ سائنسي اڀياس آهي ته شاعر زمين تي هوندي چنڊ جي روشني کي پاڻ لاءِ ڪارائتو نه سمجهي ان کي اونداهو ٿيڻ جو چئي رهيو آهي. جيتوڻيڪ هي هڪ رومانوي ۽ جمالياتي خيال آهي پر سائنسي مشاهدي جو اعليٰ مثال پڻ آهي.

شاهه لطيف سر راڻو مومل ۾ تارن ۽ آسماني نکٽن جي لهڻ ۽ چڙهڻ سان مومل جي انتظارن جي منظرڪشي ڪئي آهي ته مومل راڻي مينڌري جي انتظار دوران ڪهڙي ڪيفيت ۽ آڙاهه ۾ پچري رهي آهي. راڻو مينڌرو ڏٿ مان ڀلوڙ اُٺ تي چڙهي مومل سان ملاقات ڪرڻ لاءِ ڪاڪ جو پنڌ ڪندو هيو ۽ مومل ڏٿ جي وات ڏي اکيون وجهيو ويٺي هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن راڻي جي انتظار ۾ رات وهامي ويندي هئي ته ڪڏهن وري سياري جي ڊگهين راتين ۾ تيل قليل جي ڏيئن کي ٻاريندي تيل ئي کٽي ويندو هيو، ۽ مومل جو انتظار هوندو هيو جيڪو کٽڻ جو نالو ئي نه وٺندو هو. شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ مومل جي ڪيفيت کي رات جي تارن ۽ نکٽن سان بيان ڪيو آهي ته ڪيئن نه مومل راڻي جي انتظار ۾ راتيون ڪٽيندي هُئي ۽ مومل جي انتظار جي ڪيفيت ڇا هُئي، هي شعر اهڙي ئي ڪيفيت کي جمالياتي انداز ۾ بيان ڪري ٿو ته :

اڀي اڀارئام، نکٽ سڀ نئي وياه
هيڪ ميو، ٻيو مينڌرو، سڄي رات سارئام،
ڳوڙها ڳل ڳارئام، سورج شاخون ڪڍيون.
(نبي بخش بلوچ، سُر راڻو، 03:05)

مومل راڻي جو انتظار ڪندي سڀ نکٽ بيٺي پيرين اڀاريا آهن، ميو ۽ مينڌري کي ساريندي سورج شاخون ڪڍيون آهن. نکٽ تارن کي چيو ويندو آهي، جيڪي هڪ خاص سٽاءُ ۾ ٻيٺل هوندا آهن. لوڪ ڏاهپ موجب ڪتي، پَٽون، ست ساتيرا، (ستن تارن جو نکٽ جيڪو قطب جي چوڌاري ڦرندو آهي، جنهن کي عربي ۾ داب اڪبر چوندا آهن) ۽ ٽيڙو (جنهن کي هرڻ به چون) ڪن مکيه اهڃاڻن جي ڪري سڃاپندا آهن. مثال طور، صبح وارو تارو جنهن کي وهائو تارو به چوندا آهن، سو اسر ٿيڻ جي نشاندهي ڪندو آهي، قديم دور ۾ جڏهن قطب نما (Compass) نه هوندو هو، تڏهن تارا ئي وقت گذرڻ بابت رهنمائي ڪندا هئا . پراڻي زماني ۾ عورتون صبح سوير اٽڻ کان پوءِ وقت کي جانچڻ لاءِ آسماني نکٽن جو سهارو وٺنديون هيون. ان کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي نکٽ آهن، جن جي ذريعي هاري ناري پوک توڙي ٻني جي لاٽ وغيره جي موسم جو اندازو لڳائيندا آهن. نکٽ نئي وڃڻ جو مطلب تارن جو اولهه طرف

لهي وڃڻ آهي ۽ رات جي پڇاڙي واري پهر جي طرف اشارو ڪيل آهي. مختلف قومن ۾ نکٽن جا پنهنجا پنهنجا نالا ڏنل آهن، بدر ڏامراهي پنهنجي ڪتاب ۾ اهڙي تاريخي ڄاڻ ڏيندي لکيو آهي ته :

”دنيا جي سيني علائقن ۾ ماڻهن پنهنجي پنهنجي لحاظ کان نکٽن کي نالا ڏنا آهن، هاڻي نکٽن کي constellation نالو ڏنو ويو آهي. قديم زماني ۾ رومين بابل وارن کان نالا سکيا، بابل وارن ستارن جي ڪجهه شڪلين کي جانورن، ڪجهه کي بادشاهن ۽ راڻين ۽ پنهنجي داستانن جي هيروئنن جا نالا ڏنا. يونانين گهڻن نالن کي بدلائي پنهنجي هيروئنن مثال طور هرڪيوليس، اوريون، اورپريسئس وغيره نالا ڏنا.“ (5)

ايئن ئي دنيا ۾ ڪيترن ئي ملڪن ۾ نکٽ مختلف نالن سان پنهنجي شڪل ۾ سڃاڻپ طور رائج آهن. سنڌي سماج جيئن ته هڪ زرعي سماج آهي، ان ۾ اهڙن آسماني مظهرن جي اهميت پراڻي دؤر کان قائم آهي. شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ مشاهدي طور ڪيترن ئي تارن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي ان وقت سنڌي سماج ۾ رات جي مختلف پهرن جي گذري وڃڻ جي نشاندهي ڪن ٿا ۽ وقت ٻڌائڻ طور ڪم ايندا رهيا آهن. سُر مومل راڻي جو ئي هڪ ٻيو بيت آهي ته،

ڪتيون ڪپار آيون، ٽيڙو ايا ٽيئي،
راڻو رات نه آيو، ويل ٽري ويئي،
ڪوءِ سا ڪاٺي راتڙي، پريان ريءَ پيئي،
مون کي ڏنءُ ڏئي، ڍولئو ڍٽ قرارئو.

(ڀانهون خان شيخ، سر راڻو، 07:01)

ڪر موڙڻ جو مطلب آسمان جي وچ کان اولهه طرف ٿي مڙڻ آهي، سياري جي راتين ۾ ڪتيون دير سان ڪر موڙينديون آهن، شاهه سائين جي هنن سٽن ۾ مومل جي اکين جا اوجاڳا آهن. شعر جي ٻئي حصي ۾ ٽيڙو اُيا هجڻ جي معني ٽيڙو جي نکٽ جو مٿي چڙهي اچڻ آهي. لوڪ ڏاهپ موجب نکٽ جي اڀرڻ کي نکٽ جو چڙهي اچڻ چئجي ٿو. ۽ وري پرهيه جي حساب سان نکٽ جي اڀرڻ ۽ لهڻ جو حساب ڪيو ويندو آهي ته نکٽ هيترا پرهيه چڙهي آيو آهي يا هيترا پرهيه مٿي بيٺو آهي. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ رات جي وقت مسافرن لاءِ تارن جي اهميت کي بيان ڪيو ويو آهي. ڪتين ۽ ٽيڙوئن جي آسماني چرپر ۽ وقت جي ماپڻ بابت مشڪور ڦلڪاري لکيو آهي ته :

”لوڪ ڏاهپ جي هن اهڃاڻ بابت جڏهن جديد سائنس جي شعبي علم فلڪيات (استرانامي) جي روشنيءَ ۾ ڏسبو ته آسمان ۾ موجود ڪتيون ۽ ٽيڙو يا لوڏا هڪٻئي پويان گردش ڪندڙ تارن جا ميڙ آهن. جيڪڏهن ڪائنات ۾ موجود ٻين تارن جيان پنهنجي حساب سان گردش ڪندا رهن ٿا. گردش جي انهيءَ ڦيري دوران هو چيٽ يعني مئي جو پورو مهينو ۽ ويساک يعني جون جون ڏهه تاريخون زمين کان پري هليا ٿا وڃن، جنهن ڪري ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿا اچن.“ (6)

سر مومل راڻي جي داستان جي هن بيت ۾ ڪتين جي لڙي وڃڻ ۽ رات جي وهامي وڃڻ سان گڏ ڪاڪ محل جي مومل جي سوڊي جي سڪ ۾ انتظار واري وهاميل رات جو حساب ڪتاب بيان ڪيل آهي ته ڪيئن نه

مومل راڻي جي جُدائيءَ ۾ اهي راتيون گذاريون آهن. ان سان گڏ ’ڪتين جي ڪپار‘ اچڻ وارو خوبصورت شعري اصطلاح به اسان کي پڙهڻ لاءِ مليو آهي. هن وقت لُڏائي جو شهر ڏٽ کان اڀرندي طرف آهي، لڏائيان لڙي معني اوڀر کان اڀرڻ ۽ لڙي وڃڻ بابت ٻڌايو ويو آهي. شعر آهي ته :

ڪتيون ڪپار آئيون، لُڏائيان لڙي،
سو راٺو رات نه آئيو، جنهن سين هيمر جيءَ جڙي،
موٽ مئي جا ولها، چانگي تي چڙهي،
سوڊي لاءِ سڙي، وئي وهامي راتڙي.
(پانهون خان شيخ، سر راڻو، 04:05)

جتي شاهه سائين سر ڪنيات ۾ چنڊ کي سونهن جي علامت جي طور تي پيش ڪيو آهي، اتي وري سسئي جي واتان چنڊ کي دشمن به چيو اٿس، سسئي جو خيال اچڻ سان سندس ڏکن سان گڏ جدوجهد، همت جي يادگيري اچي ٿي. هتي شاهه لطيف سسئيءَ جي مزاحمت سان گڏ سسئيءَ جي دشمن جو به ذڪر ڪيو آهي جنهن ۾ هي اچي وڃن ٿا. هتي صرف انهن ٻن دشمن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪي فلڪياتي عنصرن سان تعلق رکن ٿا. شاهه لطيف جي بيت ۾ هڪ هنڌ آهي ته :

پنجون ويري سج ٿئو، جنهن الهي ڪئي اوير،
ڇهون ويري چنڊ ٿيو، جو ڪڙيو نه وڏي وير.
(پانهون خان شيخ، سر ديسي، 07:09)

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سورمي سهڻيءَ جو نالو ٻڌڻ سان درياهه جي دهشت، پاڻيءَ جي ڪنن جي گهرائي ۽ انهيءَ سورمي جي سچائي ذهن ۾ اچي وڃي ٿي. انهيءَ سان گڏ سهڻيءَ جي ور ڏمر جا ڏوراپا ۽ ساهڙ جا سينگار ڏسڻ کان پوءِ سهڻيءَ جون سرتين سهيلين کي خود کان اڳ درياهه ۾ گهڙي پوڻ واريون ڳالهيون آهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي هي سورمي پنهنجيءَ جان پنهنجي محبوب ساهڙ تان گهوريندي به فخر ٿي محسوس ڪري، شاهه لطيف جي سورمي سهڻي زماني ۽ زماني جي روايتن کان مڪمل طور تي باغي آهي، هن کي سندس ور ڏمر جا ڏوراپا به اثر نه ٿا ڪن، سندس عقل، مت ۽ شرم نينهن نهوڙي ويو آهي ۽ ساهڙ جي ديدار لاءِ ٻي ڪنڌيءَ کان دلو کڻي ميهار جي دونهيءَ ڏي اچي ٿي.

سر سهڻيءَ ۾ وري چنڊ جو ذڪر سهڻيءَ جي همت جي گواهيءَ ڏي ٿو ته سهڻي ڪاري رات ۾ به ڪُن ۾ گهڙي پئي آهي، جيئن هن بيت ۾ بيان ڪيل آهي ته چنڊ جو ڪو نالو نشان ناهي ۽ درياهه به پنهنجي موج ۾ آهي. شاهه جو شعر آهي ته :

ڪاري رات ڪچو گهڙو، اوٺيهين اونداهي،
چنڊ نالو ناهه ڪو، درياهه دڙ لائي،
ساهڙ ڪارڻ سهڻي آڏي ٿي آئي،

اي ڪم الٰهي، نه ته ڪنن ۾ ڪير گهڙي ؟

(ڀانهون خان شيخ، سر سهڻي، 16:06)

هڪ طرف ڪاري رات آهي ته ٻئي طرف سهڻي وٽ ڪچو گهڙو آهي. ڪچي گهڙي سان اونداهي رات ۾ درياهه ۾ گهڙي پوڻ سان سندس زندگيءَ وڃڻ جو خطرو يقيني آهي. اهڙي صورتحال ۾ چند جو به ناهي. هي اهڙي خطرناڪ منظرنگاري آهي جنهن ڪي پڙهڻ سان ماڻهوءَ جي آڏو سمورو منظر اچي وڃي ٿو.

هي ته شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ مختصر طور انهن آسماني جسمن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪي سماج ۾ رائج رهيا آهن، تحقيق ڪرڻ سان اهڙا ٻيا ڪيترائي پهلو اسان جي سامهون اچي سگهن ٿا ۽ فلڪيات توڙي ٻين سائنسي علمن جي روشنيءَ ۾ شاهه جي ڪلام کي پرکڻ هن وقت جي اهم ضرورت آهي.

نتيجو :

هن مطالعي مان ثابت ٿئي ٿو ته شاهه لطيف هڪ گهرو مشاهدو رکندڙ (Observer) هو .هن فلڪياتي جسمن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ تشبيهن ۽ استعارن طور ڪم آندو آهي. سندس شاعريءَ ۾ ستارن جي مجموعن (Constellations) جا نالا ملن ٿا، جيڪو ان دور جي سنڌين جي فلڪياتي ڄاڻ جو ثبوت آهي. شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ فلڪياتي عنصرن کي پنهنجي محبوب سان تشبيهه ڏيڻ سان گڏ انهن بابت بنيادي ڄاڻ به مهيا ڪئي آهي ته آسمان ۾ سندن سفر ڪيئن ۽ ڪهڙي مند ۾ ٿئي ٿو. هڪڙا ستارا ۽ نکٽ سياري ساسن لاڳاپيل هوندا آهن، تن کي اسين رُڳو سياري ۾ ئي ڏسي سگهون ٿا، چو ته ڌرتيءَ جي ٻيهڪ سبب اهي اولهه طرف گهٽو لڙي ويندا آهن ۽ اسان کي مذڪوره ڏينهن ۾ نظر نه ايندا آهن.

شاهه لطيف هڪ ته آسماني مظهرن کي پنهنجي محبوب سان ڀيٽ ڪندي انهن جي خوبصورتيءَ کي بيان ڪيو آهي ته ٻئي طرف وري انهن جي چرپر بابت سائنسي انداز ۾ ٻڌائي سنڌ جي سماج ۾ انهن بابت رائج ڳالهين کي به منظر عام تي آندو آهي.

**حوالا**


1. https://www.amnh.org/explore/ology/astronomy/what-is-astronomy,20/05/2026, 09:08 AM
2. https://www.merriam-webster.com/dictionary/astronomy, 20/05/2026, 09:20 AM
3. اردو سائنس انسائیکلوپیڈیا، اردو سائنس بورڈ، وزارت تعلیم۔ حکومت پاکستان، ۲۹۹۔ اپرمال، لاہور۔ ۵۴۰۰۰، ۲۰۱۰ء، ص:۱۴۶
4. https://encyclopediasindhiana.org/article.php?dflt=%d9%81%d9%84%da%aa%d9%8a%d8%a7%d8%aa , 20-05-2026, 10:10
5. ڏامراهو بدر، ٻالڪ سائنسي انسائيڪوپيڊيا، رهبر پبليڪيشن، سنڌ، 2013ع، ص : 259

6. ڦلڪارو مشــڪور، ٽر جي لوڪ ڏاهپ ۽ سائنس، لاڙ هيومينٽيرين اينڊ ڊيولپمينٽ پروگرام، 2016ع ، ص : 69

**نوٽ** : *مقالي ۾ آيل شاهه جا بيت هيٺين رسالن مان ورتل آهن.*

1. ڀانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو ٽن جُلدن ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2000ع، 2001 ۽ 2002ع.
2. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهه جو رسالو مڪمل ڇٽيهه سُر، سنڌيڪا پبليڪيشن ڪراچي. نئون ڇاپو، 2015ع.